# سنڌ آرڊيننس نمبر XLV مجريہ 1984
# SINDH ORDINANCE NO.XLV OF 1984
# سنڌ درسي ڪتاب بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1984
# THE SINDH TEXT BOOK BOARD (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس XII مجريہ 1970جي دفعہ 5 جي ترميم

Amendment of Section 5 of Sindh Ordinance XII of 1970

# سنڌ آرڊيننس نمبر XLV مجريه 1984
# SINDH ORDINANCE NO.XLV OF 1984
# سنڌ درسي ڪتاب بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1984
# THE SINDH TEXT BOOK BOARD (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[18 نومبر 1984]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ درسي ڪتاب بورڊ آرڊيننس، 1970 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته وفاقي شرعي عدالت سنڌ درسي ڪتاب بورڊ آرڊيننس، 1970 ۾ ترميم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

تمهيد (Preamble)

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي تعميل ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ درسي ڪتاب بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس XII مجريه 1970جي دفعه 5 جي ترميم
Amendment of of 5Section Sindh Ordinance XII of 1970

2. دفعه 5 جي ذيلي دفعه (1)، ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ جي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺين شرطيه بيان جو اضافو ٿيندو.

”ڪو به اهڙو هٽائڻ وارو حڪم جاري نه ڪيو ويندو جيستائين چيئرمين يا ميمبر، صورتحال جيڪا به هجي، کي ٻڌڻ جو موقعو نه ڏنو ويندو.“

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**